# سنڌ آرڊيننس نمبر X، 1971

## اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971.

### فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ عملدرآمدي
2. 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ (Section) 2 جي ترميم.
3. 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ (Section) 44-A جو واڌارو.

# سنڌ آرڊيننس نمبر X، 1971

## اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971.

14 آڪٽوبر، 1971

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ ترميم جو هڪ آرڊيننس.

تمهيدتمهيد

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965، ۾ هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم (PCO) ليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان، واڌارو ۽ عملدرآمدي

1. (1) هي آرڊيننس، اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1971 سڏيو ويندو.

(2) اهو سڄي صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3) اهو پهرين جولاءِ 1970 کان نافذ العمل هوندو.

1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ (Section) 2 جي ترميم.

2. اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، مڪ آرڊيننس جو حوالو ونندي، دفعہ (Section) (2) ۾، شق (Clause) (27) ڪانپوءِ، هيٺ ڏنل نيون شقون (Clause) وڌايون ويندديون، يعني،

"(27-A) 'صوبو' مطلب سنڌ صوبو."

1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ (Section) 44_A جو واڌارو.

3. مڪ آرڊيننس ۾، دفعہ (Section) 44 ڪانپوءِ، هيٺ ڏنل نئون دفعہ (Section) وڌو ويندو، يعني،

"(44_A) ڪنهن ٻئي صوبي ۾ رجسٽر ڪيل ٽرانسپورٽ گاڏيءَ کي صوبي ۾ هلائڻ جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي.

ٻئي صوبي ۾ رجسٽر ٿيل ٽرانسپورٽ گاڏي جي ڊرائيور کي پرميشن

(الف) ٽرانسپورٽ گاڏي جي صوبائي ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي جنرل اسپيشل رزوليوشن طرفان پرمٽ جاري ٿي وڃڻ جي صورت ۾، ۽

(ب) ٻي ڪنهن صورت ۾، حڪومت طرفان عام يا خاص آرڊر ذريعي:

اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيڪي صوبائي ٽرانسپورٽ اٿارٽي يا حڪومت طرفان جاڻايل آرڊر يا نهراءَ ۾ بيان ڪيل هجي، جيئن صورتحال هجي."

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.